روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) سومر 19 جون 2023ع بمطابق 29 ذوالقعد 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 25

وزيراعظم پاران يونان ۾ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ واري واقعي جو نوٽيس، گينگ خلاف ڪريڪ ڊائون شروع

انساني اسمگلنگ جي ڌوهه ۾ ملوث ايجنٽس خلاف فوري طور تي ڪريڪ ڊائون ڪري واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي: وزيراعظم شهباز شريف

ماڻهن کي آسرا ڏئي خطرناڪ قدم کڻڻ تي مجبور ڪندڙ اسمگلرز جي نشاندهي ڪئي وڃي، مون سميت سموري قوم جون همدرديون فوت ٿي ويلن جي وارثن سان گڏ آهن

يونان ۾ ٻيڙي حادثي کان پوءِ پاڪستانين بابت وفاقي جاچ ايجنسي ايف آءِ اي جاچ شروع ڪري ڏي آءِ جي عالم شينواري کي وڏيڪ جاچ ڏيڻ لاءِ فوڪل پرسن مقرر ڪري ڇڏيو

کهوڻه رڻ پوليس انساني اسمگلنگ ۾ ملوث 10 جوابدارن کي گرفتار ڪري انهن جي خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو. ڪيس ۾ قتل ۽ فراڊ جا قلم شامل ڪيا ويا

هڪ ايجنٽ ڪراچي ايئرپورٽ تان گرفتار، جوابدار ساجد محمود آذربائيجان فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. جوابدار ڪيترن ئي ماڻهن کي ليبيا اماڻيو هو جنهن جي جاچ جاري آهي: ايف آءِ اي

لاهور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف يونان ۾ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ واري واقعي جي جاچ ۽ انساني اسمگلنگ ۾ ملوث ماڻهن خلاف فوري طور تي ڪارروائي جي هدايت ڪري ڇڏي. وزيراعظم چيو ته انساني اسمگلنگ جي ڌوهه ۾ ملوث ايجنٽس خلاف فوري طور تي ڪريڪ ڊائون ڪري واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي. ماڻهن کي آسرا ڏئي خطرناڪ قدم کڻڻ تي مجبور ڪندڙ اسمگلرز جي نشاندهي ڪئي وڃي، مون سميت سموري قوم جون همدرديون فوت ٿي ويلن جي وارثن سان گڏ آهن. ٻئي طرف يونان ۾ ٻيڙي حادثي کان پوءِ پاڪستانين بابت وفاقي جاچ ايجنسي (ايف آءِ اي) /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

مليرايڪسپريس وي ڪراچي جي ترقي ۾ گيم چينجر ثابت ٿيندو: مراد علي شاهه

ڪورونا جي عالمي وبا، 2020ع جي برساتن ۽ 2022ع جي برساتي ٻوڏ باوجود پيپلزپارٽي مڪاني چونڊ ۾ سڄي سنڌ سوئيپ ڪئي آهي

سنڌ ۾ پنجن سالن دوران تعليم تي 909، صحت تي 700 ۽ مڪاني ادارن تي 442 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن

اسان ڀارت کان هجرت ڪري ايندڙن کي پنهنجي شهر (ڪراچي) ۾ آباد ڪيو، ڀارت مان آيل به ڪراچي شهر ۽ سنڌ صوبي کي پنهنجو سمجهن

عمران خان هن ملڪ تي عذاب ۽ اخلاق کان خالي شخص هو، جنهن کي آئون پهرين ملاقات ۾ ئي سڃاڻي ويو هئس

پي ٽي آءِ حڪومت جي ٽن سالن دوران هڪ به اسڪيم نه ملي، اتحادي حڪومت جي پهرين بجيٽ ۾ پئسا نه هجڻ جو جواز ڇاڻايو ويو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد شاهه چيو آهي ته ايندڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو هوندو، ايندڙ پيري سنڌ کان آزاد ڪشمير تائين پ پ جي حڪومت هوندي، سنڌ اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب ڪندي هن چيو ته چيو ته ڪورونا جي عالمي وبا، 2020ع جي برساتن ۽ 2022ع جي برساتي ٻوڏ باوجود پيپلزپارٽي مڪاني چونڊ ۾ سڄي سنڌ سوئيپ ڪئي آهي، نتيجي طور ڪراچي کان ڪشمور تائين ميئر توڙي ضلعي چيئرمين پيپلزپارٽي جا آهن چيو ته ٻوڏ دوران تباهه ٿيل گهرن جو تعداد 21 آهي، جن جي اڏاوت تي 660 ارب رپيا خرچ ايندو، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هدايت ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

چونڊون ڪنهن پارٽي جي خواهش تي نه پر آئين موجب ٿيڻ گهرجن: قمرالزمان ڪائره

عام چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪري اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي مشن کي مڪمل ڪنداسين

پيپلزپارٽي ڳارين جي سياست تي نه پر عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي پيپلزپارٽي ڪنهن به سياسي پارٽي سان نه پر غربت ۽ مهانگائي خلاف وڙهي رهي آهي

جمون ڪشمير جي نئين چونڊن ۾ پارٽي جي ڪاميابي آزاد جمون، ڪشمير جي عوام جي پارٽي لاءِ مڪمل حمايت جي عڪاسي ڪري ٿي

لاهور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف جي صلاحڪار قمرالزمان ڪائره چيو آهي ته ملڪ ۾ عام چونڊون ڪنهن هڪ پارٽي جي مرضي ۽ خواهش تي نه پر آئين موجب جمهوري اصولن مطابق ٿيڻ گهرجن آچر تي هڪ انٽرويو دوران قمرالزمان ڪائره چيو ته ڪنهن به سياسي پارٽي کي آزادانه ۽ شفاف چونڊن ۾ عوامي مينڊيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت ناهڻ ۽ ملڪي مسئلن کي حل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: سڌسماداواري وفاقي وزير مريم اورنگزيب سان فلم فيسٽيول ۾ شريڪ ٿيندڙ ملاقات ڪندي

پاڪستان حڪومت بينظير اسپانسر شپ جي وظيفي ۾ 25 سيڪڙو اضافو ڪيو آهي: شازيه مري

مالي سال 23_2022 جي چوٿين ٽه ماهي قسط لاءِ 9000 رپين جي ورهاست سڀاڻي (سومر) کان شروع ٿيندي

عوام جي سهولت لاءِ هي وظيفو سڄي ملڪ ۾ قائم ڪيل 1559 خاص ڪئمپن تان ادا ڪيو پيو وڃي

جن ٻارن جي حاضري 70 سيڪڙو کان وڌيڪ آهي انهن جون مائرون هي وظيفو ضرور وٺن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن شازيه مري چيو آهي ته پاڪستان حڪومت بينظير اسپانسر شپ جي وظيفي ۾ 25 سيڪڙو اضافو ڪيو آهي هڪ بيان ۾ شازيه مري چيو آهي ته مالي سال 23_2022 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

بي ايل ايف ڪمانڊر نواز علي اندروني ويڙهه ۾ مارجي ويو

نواز رند پاڙيسري ملڪ ۾ پراسرار حالتن ۾ فوت ٿي ويو، شدت پسند نواز علي رند جو تعلق آواران سان هو

دهشتگرد تنظيمن گهيرو ڪري پنهنجا ئي ڪمانڊر مارڻ شروع ڪري ڇڏيا

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پابندي مڙهيل تنظيم بلوچ لبريشن فرنٽ (بي ايل ايف) جو ڪمانڊر نواز علي رند اندروني ويڙهه ۾ مارجي ويو، نواز رند پاڙيسري ملڪ ۾ پراسرار حالتن ۾ فوت ٿي ويو، شدت پسند نواز علي رند جو تعلق آواران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

"لنڊن اچ ته خدشا ختم ڪريون" نواز شريف جو شاهد خاقان سان رابطو

شاهد خاقان عباسي پارٽي سان اختلاف سبب جنرل ڪائونسل اجلاس ۾ شرڪت نه ڪئي

مفتاح اسماعيل به دعوت ڏيڻ باوجود جنرل ڪائونسل اجلاس ۾ شرڪت نه ڪئي

لنڊن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مسلم ليگ (ن) جي سربراهه نواز شريف شاهد خاقان عباسي کي فون ڪري پنهنجا خدشا ختم ڪرڻ لاءِ لنڊن اچڻ جي دعوت ڏني آهي. شاهد خاقان عباسي پارٽي سان اختلاف سبب جنرل ڪائونسل اجلاس ۾ شرڪت نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پنجاب جي نگران وڏي وزير جي دبئي ۾ آصف زرداري سان ملاقات

ٽي چار ڏينهن اڳ نگران وڏو وزير اوچتو دبئي روانو ٿي ويو هو: ذريعا

اڳوڻي صدر پ پ جي اڳواڻن جي خدشن بابت به ڳالهايو

دبئي (م ڊ) پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي دبئي ۾ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سان ملاقات ڪئي آهي. ذريعن موجب ٽي چار ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي ۽ اڳوڻو صدر آصف علي زرداري (فائيل فوٽو)

گوادر کان خنجراب تائين وڏين رٿائن تي نوازشريف جو نالو آهي: خرم دستگير

اسان سيني نارووال ڪنسٽرڪشن ڊويزن جو افتتاح ڪيو ڪنسٽرڪشن ڊويزن کي ناهڻ ۾ 14 ڪروڙ جو خرچ ٿيو آهي

احسن اقبال ان ۾ خاص ڪردار ادا ڪيو هن ڪنسٽرڪشن ڊويزن ۾ 117 ماڻهو ڪم ڪندا منصوبي سان نارووال لاءِ نئون روزگار پيدا ٿيندو

جڏهن به شير ايندو ترقي آئيندو شير جو نشان پاڪستان جي ترقي جو نشان آهي اسان گوادر ۾ به ترقي ڪري رهيا آهيون

توانائي وارو وفاقي وزير خرم دستگير

نارووال (مانيٽرنگ ڊيسڪ) توانائي واري وفاقي وزير خرم دستگير چيو آهي ته پاڪستان جي ترقي جا بنياد نوازشريف رکيا گوادر کان خنجراب تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

يوٽيلٽي اسٽورن تي داليون بازار کان به مهانگيون

چڻن جي دال مارڪيٽ کان في ڪلو 13 رپيا ۽ اڇا چولا في ڪلو 12 رپيا مهانگي

يوٽيلٽي اسٽورن تي مگن جي دال اوپن مارڪيٽ کان في ڪلو 9 رپيا وڪرو ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف طرفان ڏنل پيڪيج باوجود يوٽيلٽي اسٽورن تي داليون اوپن مارڪيٽ کان مهانگيون وڪرو ڪيون پيون وڃن. دستاويزن موجب يوٽيلٽي اسٽورن تي چڻن جي دال مارڪيٽ کان في ڪلو 13 رپيا ۽ اڇا چولا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

وارث ڏنو ماڇي پرسان نينگر جي قتل جو جرڳو، مخالف ڌر تي 30 لک ڏنڊ

علي نواز گهانگهرو جي سرپنچي ۾ جرڳو ٿيو

صدام ٻوسڻ ڌر تي 30 لک رپيا ڏنڊ هنيو ويو

وارث ڏنو ماڇي (رپورٽر) وارث ڏنو ماڇي پرسان ڳوٺ وڏا ٻوسڻ ۾ قتل ٿيل نينگر واري واقعي بابت مبينا جرڳو ٿيو. ڳوٺ وڏا ٻوسڻ ۾ زميني تڪرار تان قتل ٿيل نينگر واري واقعي بابت مبينا جرڳو ٿيو آهي 2 مهينا اڳ زميني تڪرار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن شازيه مري

پيٽرول جو اصل اگهه 200 رپين کان به گهٽ هجڻ جو انڪشاف

سڀ ٽيڪس ملائي پيٽرول جو اگهه 240 رپيا في ليٽر هجڻ جو انڪشاف ٿيو

پيٽرول تي هن وقت 50 رپيا في ليٽر ليوي، 6 رپيا او ايم سي مارجن لاڳو ٿيل

لاهور (م ڊ) عوام وڏي رليف کان محروم آهي ڇو ته پيٽرول جو اصل اگهه 200 رپين کان به گهٽ هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي سڀ ٽيڪس ملائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پاڪستان ڊفالٽ ڪيو ته اهو ڏکيو ۽ ڏکو مرحلو هوندو: رضا باقر

عالمي مالياتي ادارن سان لاڳاپا ڪجهه مهينن کان بهتر نه آهن، جيڪا ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي

جن مالياتي ادارن تي اسان جو دارومدار آهي، انهن سان لاڳاپا تعميري هئڻ گهرجن

ڪورونا وائرس جي وبا جو مسئلو وڏو مسئلو هو، اسان ان مان نڪري آيا آهيون، ان مان به نڪرنداسين

لنڊن (م ڊ) اسٽيٽ بئنڪ جي اڳوڻي گورنر رضا باقر چيو آهي ته جيڪڏهن پاڪستان ڊيفالٽ ڪندو ته اهو ڏکيو ۽ ڏکو مرحلو هوندو لنڊن ۾ پاڪستان لٽريچر فيسٽيول دوران 'پاڪستان جي معاشي بحران جا سبب' تي هڪ سيشن منعقد ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

عثمان بزدار کي جيل ۾ هجڻ گهرجي: عليم خان

جاچ ٿيندي ته سموريون ڳالهيون پاڻ ٻڌائيندو

پرويز خٽڪ کي ته سيني کان پهريان استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شامل ٿيڻ گهرجي

استحڪام پاڪستان پارٽي جو صدر عليم خان

لاهور (م ڊ) استحڪام پاڪستان پارٽي جي صدر عليم خان چيو آهي ته عثمان بزدار کي هن وقت جيل ۾ هجڻ گهرجي. ان کان پوليس يا ادارا جاچ ڪندا ته هو سموريون ڳالهيون پاڻ ٻڌائيندو. نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي عليم خان چيو مان جيڪي ڳالهيون ڪري رهيو آهيان اهي پي ٽي آءِ جي سمورن ماڻهن کي خبر آهن. استحڪام پاڪستان پارٽي جي اڳواڻ جي چيو ته شاهه محمود، شيرين مزاري ۽ اسد عمر کان قرآن ڪتائي پڇي رلو ته عليم خان جيڪو ڪجهه چئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

گوجرانوالا: هائوسنگ سوسائٽي متاثرين فرح گوگي خلاف شڪايتون کڻي نيب عملدارن وٽ پهچي ويا

نيب ٽيم جي ڪيمپ ۾ ڪيترائي متاثرين پنهنجي شڪايتن جي داد فرياد لاءِ پهتا

جعلي مالڪاڻا حق ڏئي باقاعده بڪنگ ٿيندي رهي، نه قبضو مليو نه ئي پئسا واپس ٿيا: متاثرين

هائوسنگ سوسائٽي جا مالڪ پئسا کڻي ملڪ مان فرار ٿي چڪا آهن اسان جي داد فرياد ڪئي وڃي

گوجرانوالا (م ڊ) گوجرانوالا ۾ قائم هائوسنگ سوسائٽي متاثرين جو وڏو انگ فرح گوگي خلاف شڪايتون کڻي نيب عملدارن وٽ پهچي ويو، رپورٽ موجب نيب لاهور جي ٽيم گوجرانوالا ۾ فرح گوگي جي ملڪيت هائوسنگ سوسائٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

گوجرانوالا: قائم هائوسنگ سوسائٽي متاثرين جو وڏو انگ فرح گوگي خلاف شڪايتون کڻي نيب عملدارن وٽ پهتل آهن

سامونڊي طوفان جو خطرو ٽري وڃڻ بعد ماروئڙن جي واپسي جاري

ڪراچي (م ڊ) سامونڊي طوفان جو خطرو ٽري وڃڻ کان پوءِ سنڌ جي سامونڊي پٽي مان محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيل ماڻهن جي پنهنجي ماڳن ڏانهن واپسي وارو عمل جاري آهي سرائي، ٻهڊمي، ڪيٽي، جاتي، شاهه بندر ۽ چوهڙ جمالي ۾ متاثرن جي واپسي ٿي آهي، ٺٽو، بدين ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

32 ميمبر آهيون کي ايم سي ۾ اپوزيشن ۾ ويهنداسين: اسد امان

اسان 32 ميمبرن کي ڪنهن قسر جو ڪو دٻاءُ نه آهي اسان پنهنجي مرضي سان ايوان ۾ نه ويهاسين

اسان 32 ميمبرن کي ڪنهن قسر جو ڪو دٻاءُ نه آهي اسان پنهنجي مرضي سان ايوان ۾ نه ويهاسين

ڪراچي (رپورٽر) ڪي ايم سي ڪراچي ۾ پي ٽي آءِ جي 32 باغي ميمبرن جي پارلياماني ليڊر اسد امان اپوزيشن ۾ ويهڻ جو اعلان ڪندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ليه ايراضي ڪرپشن اسڪينڊل، عمران خان پيهر طلب

اڳوڻي وزيراعظم جي پيش ۽ پيٽروي کي به اينٽي ڪرپشن ڊي جي خان ۾ پيش ٿيڻ جي هدايت

اينٽي ڪرپشن مطابق طلبي جو نوٽيس زمان پارڪ جي رهائشگاهه تي لڳائي ڇڏيو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اينٽي ڪرپشن ڪاتي ليه ايراضي ڪرپشن اسڪينڊل ۾ تحريڪ انصاف جي چيئرمين ۽ اڳوڻي وزيراعظم کي اڄ سومر 19 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جيل مان آزاد ٿيڻ بعد خان سان ملاقات ڪندڙ ڪارڪن گرفتار

لاهور پوليس 27 ڪارڪنن کي آزاد ڪرڻ بعد گرفتار ڪري اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو

جلسي ڪانپوءِ جڏهن اهلڪار واپس وڃڻ لڳا ته پوليس مختلف علائقن ۾ چيڪ پوسٽن تي کين گرفتار ڪري ورتو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) لاهور پوليس پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان سان ملاقات ڪندڙ 27 ڪارڪنن کي آزاد ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

حيدرآباد ۾ مشهور ليکڪ ۽ آدرشي انسان ڊاڪٽر پرڏان روپچند جي ياد ۾ تعزيتي ڪڇهري ڪوٺائي وئي

ڊاڪٽر پرڏان زندگي جو وڏو عرصو ٽنڊوالهيار ۾ گذريو، ڊاڪٽر پرڏان پنهنجي ذاتي ڪلينڪ تي مسيحا طور خدمت ڪندو رهيو: تاج جويو

منهنجو ڊاڪٽر پرڏان سان تعلق تحريرن ذريعي جڙيو، جيڪو آخر تائين جڙيل رهيو: نصير مرزا ۽ ٻين جو خطاب

حيدرآباد (رپورٽر) ناميارين ليکڪ ۽ آدرشي انسان ڊاڪٽر پرڏان روپچند جي ياد ۾ بزم روح رهاڻ پاران حيدرآباد ۾ تعزيتي ڪڇهري ڪوٺائي وئي جنهن ۾ ليکڪن جي پيتا پيش ڪئي وئي. تعزيتي ڪڇهري ۾ شاعرن، اديبن ۽ صحافين شرڪت ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪابينه اجلاس ۾ بجيٽ جي منظوري اتحادين جي اتفاق راءِ سان ٿيندي: احسن اقبال

ن ليگي قيادت پاڪستان کي نه سنڀالي ها ته اسان سڀ ڊيفالٽ جو شڪار ٿي وڃون ها

(ن) ليگي قيادت جي سامهون 2 رستا هئا، سياست بچائڻ يا ٻئي صورت ۾ رياست جا ماڻهو مهانگائي کي وساري ڇڏين

هڪ اڻ تجربيڪار ماڻهو کي صادق ۽ امين جو سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو، اهڙي ماڻهو کي ملڪ جو وزيراعظم بنايو ويو

نارووال (م ڊ) وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف هميشه حڪومتي فيصلن ۾ اتحادين کي شامل رکيو، وفاقي ڪابينه ۾ بجيٽ جي منظوري به اتحادين جي اتفاق راءِ سان ٿيندي، نارووال ۾ تقريب کي خطاب ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آمريڪا اهڙي صورتحال ۾ نه ڌڪي جو چونڊ ڪرڻ مشڪل ٿي: خواجه آصف

آمريڪا سان لاڳاپن کي قدر جي نگاهه سان ڏسندا آهيون ۽ چاهيون ٿا ته اهي لاڳاپا اڳتي وڌن

اسان کي آمريڪا_ڀارت پارٽنرشپ سان ڪو به مسئلو ناهي جنهن سان پاڪستان جي مفادن کي نقصان نه پهچي

ڀارت جي موجوده صورتحال پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ صورتحال خراب ڪري ڇڏي آهي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بچاءُ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته آمريڪا اسان کي اهڙي صورتحال ۾ نه ڌڪي جنهن ۾ اسان کي انتخاب ڪرڻا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: قتل ٿيندڙ عورت صائمه سهتو جي قاتلن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پنجاب جي سرڪاري اسپتالن ۾ هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر ڀرتي ڪرڻ جي منظوري

لاهور (م ڊ) پنجاب جي گورنر سرڪاري اسپتالن ۾ هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر ڀرتي ڪرڻ جي منظوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

بجيٽ منظور ٿيڻ نه ڏينداسين: بلاول جي حڪومت کي وارننگ

وزيراعظم چيو ڪجهه پيو ۽ بجيٽ ۾ ڪجهه پيو سامهون آيو

وزيراعظم پنهنجي ٽيم ۾ شامل اهڙن ماڻهن کان حساب وٺي جيڪي واعدا پورا ڪرڻ ۾ رنڊڪ آهن

وزيراعظم جي نيت تي شڪ ناهي، هن پاڻ ٻوڏ جي تباهي ڏٺي، هو ٻوڏ متاثرن سان ڪيل واعدو پاڙي

سوات (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم کي وارننگ ڏيندي چيو آهي ته ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ پيسا نه مليا ته پ پ بجيٽ منظور نه ٿيڻ ڏيندي. سوات ۾ خوازه خليه جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

حڪومتي ظالماڻي پاليسين ملڪ کي رهڻ جي قابل ناهي ڇڏيو: سراج الحق

يونان ۾ پيش آيل ٻيڙي سانحي تي هر پاڪستاني جي دل سوگوار آهي

سوين نوجوان بهتر مستقبل لاءِ لکين رپيا خرچ ڪري ڪليل سمنڊ ۾ گم ٿي ويا

حڪمرانن ۽ حڪومتي پارٽين سان ڳنڍيل عوام جا اثاثا وڌي رهيا آهن: امير جماعت اسلامي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) امير جماعت اسلامي پاڪستان سراج الحق جو چوڻ آهي ته پ پ حڪومت جي ظالمانه پاليسين ملڪ کي مشڪل بڻائي ڇڏيو آهي. لاهور مان جاري ڪيل بيان ۾ امير جماعت اسلامي پاڪستان سراج الحق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور: امير جماعت اسلامي پاڪستان سراج الحق تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

آصف علي زرداري پاران شير محمد جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر شيرمحمد جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي پنهنجي تعزيتي بيان ۾ آصف علي زرداري چيو ته شيرمحمد بلوچ جون پارٽي لاءِ خدمتون فراموش ڪرڻ جوڳيون نه آهن آصف علي زرداري چيو ته شير محمد بلوچ پارٽي جو وفادار ۽ ثابت قدم ساٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

نوجوانن کي غيرقانوني يورپ اماڻڻ ۾ ملوث گينگ خلاف ڪريڪ ڊائون شروع

يونان ٻيڙي حادثي کان پوءِ انساني اسمگلنگ ۾ ملوث ماڻهن خلاف گرينڊ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي: ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پوليس

ڪيس ۾ قتل ۽ فراڊ جا قلم شامل ڪيا ويا آهن، ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن: ڊاڪٽر خالد

پاڪستاني نوجوانن کي غيرقانوني طريقي سان يورپ اماڻيندڙ ايجنٽ ڪراچي ايئرپورٽ تان گرفتار ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستاني نوجوانن کي غيرقانوني طور تي يورپ اماڻڻ ۽ انساني اسمگلنگ ۾ ملوث گينگ خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو آهي. ان حوالي سان ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پوليس ميرپورآزاد ڪشمير ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سعودي عرب جو تهران ۾ سفارتخانو جلد کولڻ جو اعلان

سعودي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان ايران جو دورو ڪيو ۽ پنهنجي ايراني هم منصب سان ملاقات ڪئي

سمورن علائقائي ملڪن جي وچ ۾ تعاون کي فروغ ڏنو وڃي: شهزاده فيصل بن فرحان پاران ايراني هم منصب سان ڳالهيون

اسرائيل سميت مسلمانن جا دشمن ايران ۽ سعودي عرب جي لاڳاپن کان ناخوش آهن: ايراني صدر ابراهيم رئيسي

تحران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سعودي عرب جلد تهران ۾ پنهنجو سفارتخانو کولڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو سعودي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان ايران جو دورو ڪيو ۽ پنهنجي ايراني هم منصب سان ملاقات ڪئي ٻنهي ملڪن ٺار جي خطي ۾ بحري سيڪيورٽي کي هٿي وٺرائڻ تي زور ڏنو ۽ چيو ته سمورن علائقائي ملڪن جي وچ ۾ تعاون کي فروغ ڏنو وڃي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

حيدرآباد: مشهور ليکڪ ۽ آدرشي انسان ڊاڪٽر پرڏان روپچند جي ياد ۾ ڪوٺايل ڪڇهري جو ڏيک

گرمي سبب 100 ڇڻا اجل جو شڪار، 400 علاج هيٺ

نئين دهلي (م ڊ) ڀارتي رياستن اتر پرديش ۽ بهار ۾ گذريل ٽن ڏينهن کان جاري گرمي جي لهر سبب 98 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن پرڏيهي خبررساں اداري "اناڊولو" جي رپورٽ موجب ڀارتي اختيارين گرمي سبب ماڻهن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي آهي. ڀارت سخت گرمي جي لهر ۾ آهي، ملڪ جي ڪجهه علائقن ۾ گذريل ڪجهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي 9 ماڙ عمارت سيل ڪري ڇڏي

لياقت آباد سپر مارڪيٽ جي 9 ماڙ عمارت کي زبون قرار ڏيندي سيل ڪيو ويو

مارڪيٽ جي بيسمينٽ ۾ ڪيترن ئي سالن کان پاڻي بيٺو آهي: ايس بي سي اي آفيسر

انتظاميه سادا ست سئو دڪانن کي تالا هڻائي ڇڏيا پر ڪو نوٽيس ناهي ڏنو: دڪاندار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي پٽي قرار ڏنل عمارتن جي خلاف سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي لياقت آباد سپر مارڪيٽ جي 9 ماڙ عمارت کي زبون قرار ڏيندي سيل ڪيو ويو ايس بي سي اي آفيسرن مطابق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ پوليس جو ڪم ئي عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ آهي: عديل احمد چانڊيو

پوليس ڪنهن تي ڪو احسان ڪرڻ بجاءِ پنهنجو فرض نڀائي پنهنجو پگهار حلال ڪيو آهي

زهريلي ماوي ۽ گٽڪي جو خاتمو ٺٽو اچي سنڌ پوليس سک ۽ آرام سان هرگز نه ويهندي

ڪاروبار ۾ پلي ڪيترو به بااثر شخص ملوث ڏسندس ته ڪيس پڪڙي جلد بدين جيل روانو ڪندس

ٺٽو (رپورٽر) سنڌ پوليس جي اصول پرست، فرض شناس ۽ قابل پوليس آفيسر عديل احمد چانڊيو صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

نوشهروفيروز ۾ زوار حسين چانڊيو جي ڦرتيل گاڏي سامان ۽ روڪ رقم واپس ڏني

ملياڻي جي صحافين سياسي سماجي ڌرين ۽ شهرين ايس سيد چوڪ تي مظاهرو ڪيو

صحافي منظور ملڪ، امير علي ملڪ، بيڙي مزدور يونين اڳواڻ محبوب علي ملاح شريڪ ٿيا

ايس ايس پي نوشهروفيروز مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪو آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) سنڌ ٽي وي نيوز ملياڻي جي رپورٽر زوار حسين چانڊيو جي ڦرتيل گاڏي سامان ۽ روڪ رقم واپس ڪرڻ [illegible] ملياڻي جي صحافين سياسي سماجي ڌرين ۽ [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽي ۽ فلم ٽي وي جو بهترين
اداڪار اعجاز برڙو ڪراچي
اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

ٺٽو (رپورٽ) فلم ۽ ٽي وي جو بهترين اداڪار اعجاز برڙو ڪجھ وقت بيمار رهڻ بعد ڪراچي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو، جنهن جو جنازو مڪلي سنڌس گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. ياد رهي ته اعجاز برڙو ڪيترن ٽي وي ڊرامن سميت مختلف فلمن ۾ پنهنجي اداڪاري جا جوهر ڏيکاري چڪو آهي. ٻئي طرف صحافي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز: صحافي ڪان ڦرواقعي خلاف قلم ڏٺي احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين ۾ ضلعي چيئرمين، وائس چيئرمين ۽ ميونسپل ڪميٽي جي حلف برادري تقريب اڄ ٿيندي

چيئرمين، وائس چيئرمين کي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون صبح 12 وڳي پنهنجي عهدي جو حلف کڻائيندو

ٽائون ڪميٽي پنگريو جي چيئرمين، وائس چيئرمين ۽ ٽائون ڪميٽي ڪوسڪي جا چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين شامل

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) اليڪشن ڪميشن آفيس بدين پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب اڄ بروز سومر تاريخ 19 جون تي ضلع ڪائونسل بدين ۾ ضلعي چيئرمين، وائس چيئرمين ۽ ميونسپل ڪميٽي بدين جي چيئرمين، وائس چيئرمين کي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون صبح 12 وڳي پنهنجي عهدي جو حلف کڻائيندو اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس بدين ۾ ٽائون ڪميٽي ٽنڊو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

لاڪا شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي شديد کوٽ خلاف ايس يو پي ڪارڪنن جو احتجاج

شهر ۾ 15 ڏينهن کان پيئڻ جي پاڻي جي شديد خلاف ايس يو پي ڪارڪنن مظاهرو ڪيو

ڪارڪنن انتظاميا خلاف نعريبازي ڪندي پاڻي ناهي ڇو پلا ڪربلا ڪربلا جو زوردار نعرا هنيا

سڙيل موٽر جي مرمت نه ٿيڻ سبب شهر جي ڏهه هزار آبادي پاڻي جهڙي نعمت کان محروم آهي: مظاهرين

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) لاڪا شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي شديد کوٽ خلاف ايس يو پي ڪارڪنن جو احتجاج ٿنهن اس ۾ 3 ڪلاڪ ڌرڻو نعريبازي تفصيل موجب لاڪا شهر ۾ 15 ڏينهن کان پيئڻ جي پاڻي جي شديد خلاف ايس يو پي ڪارڪنن شاهي بازار مان ريلي ڪڍي ٿنهن اس ۾ 3 ڪلاڪ ڌرڻو هڻندي پبلڪ هيلٿ کاتي جي انتظاميا خلاف نعريبازي ڪندي پاڻي ناهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

گمبٽ ويجهو اڳڙا ٽاڻي جي
حد ڳوٺ عبدالستار ناريجو
مان عورت ٻارڙي سميت گم

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ ويجهو اڳڙا ٽاڻي جي حد ڳوٺ عبدالستار ناريجو مان گذريل چئن ڏينهن کان 45 سالن جي مسمات عنايتان ناريجو ۽ معصوم ٽينگري 8 سالا مرڪ ناريجو پراسرار نموني گم وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر ان ڏس ۾ سنڌس پٽ سهيل ناريجو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته احمد علي عرف امبو ناريجو منهنجي ماءُ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

مانجهند: پيئڻ جي پاڻي کوٽ خلاف ايس يو پي ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنڌڪوٽ لڳ بخشاپور ٿاڻي جي حد اندر 2 الڳ وارداتن ۾ هڪ قتل، ٻيو زخمي

انڊس هاءِ تي مهراڻ ڪار تي ڌاڙيلن فائرنگ ڪري ڪار سوار تابع الدين ڪوسو قتل ڪريو

ڊانسن تي ڌاڙيلن جي فائرنگ ڳوٺ ملان جيوڻ گولو جو رهواسي ڊرائيور رفيق احمد گولو زخمي ٿيو

پوليس جو ٿاڻو هجڻ جي باوجود روڊ تي سرعام ڦرون، قتل ۽ ماڻهو اغوا ٿين ٿا، اختياريون خاموش

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ امداد ٻنگوار) ڪنڌڪوٽ لڳ بخشاپور ٿاڻي جي حد اندر ٻه الڳ وارداتن ۾ هڪ قتل ۽ هڪ زخمي، ڪنڌڪوٽ لڳ بخشاپور ٿاڻي جي حد زوگزه وٽ رات جو ٻارهين وڳي انڊس هاءِ تي مهراڻ ڪار تي ڌاڙيلن جي فائرنگ ڪار سوار تابع الدين ڪوسو قتل، ساڳي ئي رات جو هڪ ٻئي هنڌ راڻو اسٽاپ لڳ مال جي واپارين جي ڊانسن تي ڌاڙيلن جي فائرنگ ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين جي ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن پاران گهرن ڏانهن ويندڙ ماڻهن ۾ راشن ورهايو ويو

سنڌ حڪومت طرفان مليل راشن انهن ماڻهن ۾ ورهايو پيو وڃي: ڊپٽي ڪمشنر بدين

متاثر ڳوٺن ۾ اچي پاڪ فوج، رينجرز ۽ پوليس جي مدد سان سامان ورهائي رهيا آهيون

طوفاني هوائن سبب جن مارئڙن جي گهرن کي يا مال مويشي کي نقصان پهتو آهي: ڳالهيون

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين انتظاميا طرفان طوفان سبب رليف ڪيمپن مان واپس پنهنجن گهرن ۾ ويندڙ ماڻهن ۾ راشن ورهايو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان چيو ته سنڌ حڪومت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

جامشورو ۾ ايس يو پي طرفان شهر ۾
وڌندڙ بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف
احتجاجي مظاهرو

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي جامشورو ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان شهر ۾ وڌندڙ بجلي جي لوڊشيڊنگ، سڙيل ٽرانسفر تبديل نه ڪرڻ ۽ ٺيڪيدار نظام خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي شهر جي مک چوڪ تي ڌرڻو هڻي لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو ان سلسلي ۾ احتجاج ڪندڙ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي اڳواڻ نثار احمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

بدين: ڊي سي برسات ۽ طوفان متاثرن ۾ راشن ورهائي رهيو آهي

شهدادڪوٽ جي نادرا آفيس کي شهر کان ٻاهر منتقل ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاج

سياسي، سماجي مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي

ضمير شاهه، عرس سيلرو، وزير علي ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪوٽو موٽو چوڪ تي مظاهرو ڪيو ويو

منتقل ڪرڻ وارو فيصلو واپس وٺي نادرا آفيس تي ٿيندڙ مبينا قبضي کان بچايو وڃي: مظاهرين جو مطالبو

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) شهدادڪوٽ جي ميونسپل عمارت ۾ قائم نادرا آفيس جي شهر کان ٻاهر منتقلي خلاف سمورا شهري سراپا احتجاج بڻجي ويا آهن. شهري اتحاد جي سڏ تي ڪالا ايس يو پي، ايس ٽي پي، شعيا تنظيم، جي يو آئي، جماعت اسلامي، سوشل ورڪر اتحاد، سنڌ آبادگار بورڊ، مسلم ليگ ن، سيلرا نوجوان اتحاد، ٽريڊ يونين مزدور فيڊريشن سميت ٻين تنظيمن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

بدين ۾ پيئڻ جي پاڻي جو بدترين بحران برقرار، ماڻهو ۽ چوپايو مال پاڻي لپ لاءِ تڙپڻ لڳا

سنڌ جي سکر بئراج ۽ آخري چيڙي واري ڪوٽڙي بئراج ۾ پاڻي جو بحران پيدا ٿي ويو آهي

سنهي ڳوني راج واهه علي واهه ڪارو واهه نئون واهه ڳنج بحر سومرا شاخ ڪامارو شاخ ۾ پاڻي اٿلي

بدين جي نان پيرنل واهن کي پڻ پيئڻ جو پاڻي نه ملڻ جي ڪري سخت بحران پيدا ٿي ويو آهي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ۾ پيئڻ جي پاڻي جو بدترين بحران برقرار ماڻهو ۽ چوپايو مال پاڻي لپ لاءِ تڙپڻ لڳا فصلن جي پوکي سخت متاثر تفصيل موجب سنڌ جي حصي جو پاڻي چشمه جهلم لنڪ ڪئنال زريعي چوري ڪرڻ سبب سنڌ جي سکر بئراج ۽ آخري چيڙي واري ڪوٽڙي بئراج ۾ پاڻي جو بحران پيدا ٿي ويو آهي جنهنڪري بدين ضلعي جي اڪرم واهه جي ٽن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽيڙهي لڳ ٻيرلوءِ ۾ غريب
عوام جي ٽيڪس مان ٺهندڙ
روڊ ۾ ناقص مٽيريل استعمال

ٽيڙهي (رپورٽر) ٽيڙهي لڳ ٻيرلوءِ ۾ غريب عوام جي ٽيڪس مان ادا ڪيل پئسا منافعي خور ٺيڪيدار ۽ رشوت خور آفيسرن جي ملي ڀڳت سبب ٺهندڙ روڊ ۾ ناقص مٽيريل استعمال ڪيو پيو وڃي جيڪو هڪڙي برسات جي بوند ڦڙي به برداشت نه ڪري سگهندو روڊ ۾ ناقص مٽيريل استعمال ڪرڻ سبب ٻيرلوءِ واسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

بدين: نان پيرنل واهه سڪل نظر اچي رهيو آهي

ڪراچي سٽي ڪورٽ ۾ بيدردي سان قتل ٿيل عورت جي وارثن پاران احتجاجي مظاهرو

سول سوسائٽي پاران نيشنل ٻئنڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو

دادن سهتو، علي گل منگي، منظور لاشاري، اياز جاگيراڻي، ربنواز شيخ، سجاد علي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو

جوابدار سڪندر سهتو پنهنجي زال صائمه کي گذريل هڪ سال کان تشدد جو نشانو بڻائيندو رهندو هيو: مظاهرين

خيرپور (رپورٽر) ڪراچي سٽي ڪورٽ ۾ بيدردي سان قتل ٿيل عورت جي وارثن ۽ سول سوسائٽي پاران نيشنل ٻئنڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو . مظاهري جي اڳواڻي مقتولا جو پيءُ دادن سهتو ،علي گل منگي ،منظور لاشاري ،اياز جاگيراڻي ،ربنواز شيخ ،سجاد علي، غلام اصغر چانڊيو . نسيم پتو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا .مظاهرين چيو ته اسان جي نياڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

غوثپور پرسان نابر ڪرت ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڳڙهي تيغو ۾ جهيڙو، 6 ڄڻا سخت زخمي

عزيزالله تيغاڻي ۽ محمد اسماعيل وڄير پراڻي زميني تڪرار تان جهيڙو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو

ٽينگري سهاڳي، محمد ابراهيم، سورهيه، مگرو تيغاڻي سميت 6 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور پرسان نابر ڪوٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڳڙهي تيغو ۾ تيغاڻي برادري جي ٻن ڌرين عزيزالله تيغاڻي ۽ محمد اسماعيل تيغاڻي وڄير پراڻي زميني تڪرار تان جهيڙو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو جهيڙي دوران ٻنهي [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

رنڊيرو ۾ البيلي شاعر حسن درس جي سالياني ساز، زبردست پيشڪش پيش

آرٽ ۽ ڪلچرل سوسائٽي پاران "العباس ادبي منزل" تي پروگرام تقريب منعقد ڪئي وئي

حسن درس محبتن ۽ الفتن جو امين شاعر آهي شاعري درد وندڙن جي ترجماني آهي: اڳواڻ

ٺٽون ديرو (شاد محمود پتو) رنڊيرو ۾ البيلي شاعر حسن درس جي سالياني ساز: زبردست پيشڪش پيش. آرٽ ۽ ڪلچرل سوسائٽي پاران "العباس ادبي منزل" تي پروگرام تقريب منعقد. حسن درس [illegible] ۽ تنظيمن شرڪت ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽون ديرو: شاعر حسن درس کي ڏات ڏٺي پيتا پيش ڪري رهيا آهن

ٺٽي ۾ ووٽ جي داخلا، بدلي ۽ درستگي لاءِ آخري تاريخ 13 جولائي مقرر

خدمت ۽ مدد لاءِ ضلعي اليڪشن ڪمشنر آفيس جو عملو هر وقت حاضر آهي: عملدار

گذارش ڪجي ٿي ته هو شناختي ڪارڊ نمبر 8300 تي ايس ايم ايس ذريعي چيڪ ڪيو وڃي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ضلعي اليڪشن ڪمشنر محمد عمران آرائين پاران جاري ڪيل پنهنجي هڪ پڌرائي ۾ ٻڌايو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

پ پ لاڙڪاڻي جي سينيئر نائب صدر نثار محمد مراد پٽو ۽ ٻين پاران تعزيت

منصور علي موريو سان سندس چاچي ميان اطهر الدين موريو جي وفات تي تعزيت ڪئي

سعدوديرو جي جنرل سيڪريٽري ميان صدر الدين موريو، ميان اڪمل الدين موريو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

ٺٽون ديرو (شاد محمود پتو) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جي سينيئر نائب صدر نثار محمد مراد پٽو، ميونسپل ڪاميٽي ٺٽون ديرو جو چيئرمين حاجي عبدالخالق پٽو ، غلام اڪبر ناريجو ، شهزادو علي چنو ، خليل الله مگنيجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

مهينو اڳ اغوا ٿيل سرحد واسي پورهيت راجوڻي ذريعي بازياب، ٻنگ پرڻ جا جوهول

رحمت سومرو راجوڻي ڪوشش ذريعي ڪچي واري علائقي جهون بلاڪ مان بازياب ٿي ويو

چگن مڙس پاران راجوڻي ڪوشش ذريعي بازياب ڪرائڻ جي وارثن پاران دعوي ڪئي وئي آهي

سرحد (رپورٽر) مهينو اڳ اغوا ٿيل سرحد واسي پورهيت راجوڻي ذريعي بازياب علائقي ۾ ٻنگ عيوض بازيابي جا چشوهول، خبر موجب هڪ مهينو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سرحد: مهينو اڳ اغوا ٿي ويل پورهيت بازيابي بعد ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٺٽو ۽ مڪلي ۾ ٻيهر رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو، رولو ڪتن جي حملي ۾ نينگر زخمي

13 سالا ٻارڙي باسط علي ولد دوست محمد دراني کي ڏاڍهي سخت زخمي ڪري وڌو

ڏاڍهي زخمي ڪرڻ سميت موٽر سائيڪل سوارن تي حملا ڪري ڪين ڪيرائي زخمي ڪريو

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ضلعي ٺٽي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي ۾ رولو ڪتن پاران هڪ ڀيرو ڏاڍهڻ جو سلسلو شروع ڪتن هڪ ٻارڙي کي ڏاڍهي وڌو علائقي ۾ خوف جي لهر خبر موجب ضلعي ٺٽي جي هيڊڪوارٽر مڪلي جي مختلف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

جان محمد سوسائٽي ويجهو ڳوٺ شريف مهر جي رهواسي جي جنازي نماز ادا

شهيد فقير محمد مهر جنازي نماز پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ادا ڪئي وئي

عبدالواحد مهر استاد راحب علي مهر عابد حسين مهر سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

جان محمد سوسائٽي (غلام رسول مهر) جان محمد سوسائٽي ويجهو ڳوٺ شريف مهر جو رهواسي ڦورن هٿان شهيد ٿيل شهيد فقير محمد مهر جنازي نماز پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ علائقي جي معزز شخصيتن يوسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

جان محمد سوسائٽي: فقير محمد مهر جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

علم کانسواءِ انسان نامڪمل آهي، قانون موجب انصاف چاهيون ٿا: مظهر محمود علوي

عشق مصطفیٰ کان خالي دل وارو انسان ڪڏهن مؤمن ٿي نه ٿو سگهي، عوام سان گڏ آهيون

9 سال گذرڻ باوجود ماڊل ٽائون سانحي جي شهيدن جا وارث انصاف لاءِ عدالتن جا چڪر لڳائي رهيا آهن

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) تحريڪ مناج القرآن سنڌ جا نائب ناظم اعلا مظهر محمود علوي چيو آهي ته علم کانسواءِ انسان نامڪمل آهي جڏهن ته عشق مصطفیٰ کان خالي دل وارو انسان ڪڏهن مؤمن ٿي نه ٿو سگهي، منهاج القرآن ان جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڳڙهي خيرو ويجهو دوداپور واري علائقي ۾ چلهه مان چڻنگ لڳڻ سبب 7 گهر سڙي ويا

رحيم بخش ڪٺوهر ۾ اچانڪ پورهيتن جي گهرن کي چُلهه جي چڻنگ مان باهه لڳي وئي

5 کان وڌيڪ ٻڪريون پڻ سڙي ويون، متاثر کليل آسمان هيٺ بي يارومددگار ويٺل

ڳڙهي خيرو (رپورٽر) ڳڙهي خيرو ويجهو دوداپور واري علائقي ۾ چلهه مان چڻنگ لڳڻ سبب 7 گهر سڙي رک ٿي ويا ڳوٺ رحيم بخش ڪٺوهر ۾ اچانڪ پورهيتن جي گهرن کي چُلهه جي چڻنگ مان باهه لڳي وئي جنهن سبب صالح فقير قائم درمحمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز ۾ سماجي ست سان سلهاڙيل، غريبن، مسڪينن ۽ بي سهارن جو سهارو بڻيل

سيد ثمر نقوي گذريل شديد سيلاب ۽ بارشن کان پوءِ چوڏهين جي چنڊ وانگر نکري نروار ٿيو

سماجي اڳواڻ بنا ڪنهن لالچ، بنا ڪنهن رنگ ونسل بنا ڪنهن ذات پات ڪم ڪري رهيو آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) سول سوسائٽي جي اڳواڻن اعجاز ممناڻي خادم سيال، مشتاق حسين لوهاچ، سيد اظهار شاهه، نصير احمد پنهيرو منظور ملڪ ۽ ٻين پاران هڪ هزار گهرن جي تعميرجي سرواڻ سيد ثمر نقوي کي خراج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي فزڪس ۽ اليڪٽرونڪس جي شاگردن پاران وي سي سان ملاقات

تحفة النساء يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو سان ملاقات ڪئي

ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو ڊرون ايئر ايمبيولينس ايجاد ڪرڻ تي شاگردن جي تخليقي ڪم کي ساراهيو

ايئر ايمبيولينس جي ايجاد اسان جي شاگردن جي صلاحيتن جو واضح مثال آهي: ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو

خيرپور (رپورٽر) اليڪٽرونڪس شعبي ۾ پڙهندڙ ۽ ڊرون ايئر ايمبيولينس ايجاد ڪندڙ شاگردن اصف علي ۽ [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ميرپورخاص ۾ ٽريفڪ پوليس
جي زيادتين کان تنگ اچي
ڊرائيور پاڻ کي باهه ڏئي ڇڏي

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص ۾ ٽريفڪ پوليس جي زيادتين کان تنگ اچي 26 سالن جي رڪشا ڊرائيور ساجن وچ بازار ۾ پاڻ کي باهه ڏئي ڇڏي. ٽريفڪ پوليس روزانو 300 رپيا رڪشو مارڪيٽ ۾ هلائڻ لاءِ ڀتو گهرندي هئي. جنهن کان تنگ اچي ساجن نالي رڪشا ڊرائيور بازار ۾ مارڪيٽ چوڪ وٽ پاڻ کي باهه ڏئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

خيرپور: شاهه لطيف يونيورسٽي جي وي سي سان گڏ شاگرد بيٺل آهن

ڏهرڪي ينگ جرنلسٽس فورم جي عهديدارن جو اجلاس، تنظيم جو نالو تبديل ڪرڻ تي غور

اجلاس زير صدارت صدر عبدالله بخش راڄڙي جي ٿي گذريو جنهن ۾ اهم معاملن تي غور ويچار

اجلاس ۾ ينگ جرنلسٽس فورم ڏهرڪي مان تبديل ڪري ڏهرڪي جرنلسٽس فورم رکيو ويو

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ڏهرڪي ينگ جرنلسٽس فورم ڏهرڪي جي عهديدارن جو اجلاس زير صدارت صدر عبدالله بخش راڄڙي جي ٿي گذريو جنهن ۾ تنظيم جو نالو تبديل ڪرڻ تي غور ويچار ڪيو ويو جنهن ۾ اڪثريت راءِ سان فيصلو ڪيو ويو ته تنظيم جو نالو ڏهرڪي ينگ جرنلسٽس فورم ڏهرڪي مان تبديل ڪري ڏهرڪي جرنلسٽس فورم رکيو وڃي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

طوفاني برسات سبب ٿيل نقصان جو اندازو لڳائڻ لاءِ سروي ڪئي وڃي: ڊي سي ٿرپارڪر

ٿرپارڪر ضلعي ۾ طوفاني برسات سبب شهري ۽ ٻهراڙين جي آبادي پڻ متاثر ٿي وئي آهي

فصل، روڊ، پل، سرڪاري عمارتون، انفراسٽرڪچر، اسڪولن ۽ ڪاليجن کي نقصان ٿيو آهي

مال جي نقصان، گهرن، دڪانن وغيره کي نقصان جو اندازو لڳائڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون ويون

ٿرپارڪر (رپورٽر) ضلعي انتظاميا ٿرپارڪر طوفاني برسات دوران ٿرپارڪر ۾ ٿيل نقصان جا تفصيل گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. گذريل ٻن ڏينهن دوران 18 جون 2023 ۾ ٻجي تائين ضلع ۾ ٿيل نقصان جي مليل تفصيلن مطابق ضلع ۾ 230 جانورن جو نقصان ٿيو آهي. جنهن ۾ تعلقه مٺي ۾ 08، تعلقه اسلام ڪوٽ 21، تعلقه ڏيپلو 41، تعلقه ڪلوئي 05، تعلقه چاڇرو 11 ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڏوڪري پرسان ڳوٺ بابل خان
جرور ۾ چور ٽرانسفارمر مان
قيمتي سامان چوري

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري پرسان ڳوٺ بابل خان جرور ۾ نامعلوم چور ٽرانسفارمر مان قيمتي سامان چوري ڪري ويا ڏوڪري ٿاڻي جي حد ڳوٺ بابل خان جرور مان نامعلوم چور ٽرانسفارمر لاهي ٽرانسفارمر مان ڪوائيل ۽ تيل چوري ڪري ٽرانسفارمر ڳوٺ جي ٻاهران زرعي زمين ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا. جڏهن ته ٽرانسفارمر چوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٿرپارڪر: طوفاني برسات سبب ڪريل گهر جو ڏيک

سرحد پرسان زمين جي معاملي تان شيخ برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڇڪتاڻ، هڪ ڌر جو احتجاج

ڳوٺ اميربخش شيخ ۾ زمين جي معاملي تان شيخ برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي

هڪ ڌر جي ماڻهن پاران مائي صاحب خاتون شيخ جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو، نوٽيس جي گهر

جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪري اسانجي زمين تان قبضو ختم ڪرائي اسانکي حق ڏنو وڃي: مظاهرين

سرحد (رپورٽر) سرحد پرسان زمين جي معاملي تان شيخ برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڇڪتاڻ. هڪ ڌر جي ماڻهن جو احتجاج برادري جي ماڻهن مٿان زبردستي زمين مٿان قبضي جي جا الزام. سرحد ٿاڻي جي حد ڳوٺ اميربخش شيخ ۾ زمين جي معاملي تان شيخ برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي آهي هڪ ڌر جي ماڻهن پاران مائي صاحب خاتون شيخ جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

پ پ پ غريبن جي ترجماني ۽ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي آهي: عبدالسميع پيرزاده

ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بي بي شهيد بينظير ڀٽو عوام کي شعور ڏنو ته هو پنهنجي حقن جي ڳالهه ڪن

پي پي جي عوامي خدمتون ڪنهن کان لڪيل نه آهن علائقي واسين جي سهڪار سان مسئلا حل ڪنداسين

پ پ جا نمائندا پنهنجي شهيد قائدين جي فڪر ۽ فلسفي تحت عوام جي خدمت جاري رکندا: ميڊيا سان ڳالهيون

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) مڪي شاهه ٽائون يونين ڪاميٽي 11 نيو پنڊ سکر جي چيئرمين عبدالسميع پيرزاده چيو آهي ته پيپلزپارٽي پاڪستان جي واحد پارٽي آهي جيڪا غريبن جي ترجماني ۽ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ناميارِي ليکڪ،اديب بلوچ صحبت
علي جي ڪتاب "نيپالي نينهن" سفر
نامي جي مهورتي تقريب

شاهپورچاڪر (رپورٽر) ناميارِي ليکڪ،اديب بلوچ صحبت علي جي ڪتاب "نيپالي نينهن" سفر نامي جي مهورتي تقريب سنڌي ادبي سنگت ۽ شاهپورچاڪر سجاڳي فورم پاران پريس ڪلب شاهپورچاڪر ۾ ٿي، جنهن جو مهورتڪار علمي ادبي شخصيت مختيار سمون هو.مهورتي تقريب کي خطاب ڪندي بلوچ صحبت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر: مڪي شاهه ٽائون ۾ پ پ اڳواڻ سميع پيرزاده پنهنجي نگراني ۾ صفائي ڪرائي رهيو آهي

شهدادڪوٽ پرسان پراڻي تڪرار تان نوجوان قتل، لاش اسپتال منتقل

ربي پل ٿاڻي جي حد موٽروي ايم ايٽ وٽ پراڻي تڪرار تان هٿيارٻندن هٿان نوجوان قتل

غلام مصطفي کي چاٽايل هنڌ وٽ اٽڪاتل هٿيار ٻندن پسٽل جا فائر ڪري ڪيس قتل ڪيو آهي

نوجوان کي چانڊيا برادري جي اٽڪاتل ماڻهن پلاند ۾ قتل ڪري فرار ٿي ويا آهن: ذريعن جي دعوي!

شهدادڪوٽ (د ر) شهدادڪوٽ پرسان پراڻي تڪرار تان نوجوان قتل لاش اسپتال منتقل ڪيس داخل نه ٿي سگهيو گرفتاري عمل ۾ اچي نه سگهي، شهدادڪوٽ ويجهو ربي پل ٿاڻي جي حد موٽروي ايم ايٽ وٽ پراڻي تڪرار تان هٿيار ٻندن جي فائرنگ ۾ 30 سالا نوجوان غلام مصطفي ولد قربان علي مگسي قتل ٿي ويو اطلاع تي ربي پل ٿاڻي جي پوليس مقتول نوجوان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز جي سينئر صحافي محمد قاسم اسراڻ جو تعزيتي ميڙاڪو، ساڃاهه وندن جي شرڪت

پريس ڪلب صدر ممتاز سولنگي، جنرل سيڪريٽري مظهر خاصخيلي، محمد يونس راڄپر ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سهيل احمد راڄپر، علي محمد چنه، سائين گل بهار مري، ارشاد عباسي، حسيني آصف سولنگي ۽ ٻين پيتا پيش ڪئي

بابا سائين کي خراج پيش ڪرڻ سان گڏ پريس ڪلب جي ميمبر شپ ڏني آهي جيڪو منهنجي لاءِ اعزاز آهي: ثقلين اسراڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهروفيروز جي سينئر صحافي محمد قاسم اسراڻ جو تعزيتي ميڙاڪو پريس ڪلب نوشهروفيروز ۾ ملهايو ويو جنهن ۾ پريس ڪلب صدر ممتاز سولنگي، جنرل سيڪريٽري مظهر خاصخيلي ، محمد يونس راڄپر ، سنڌ ساگر پارٽي جي مرڪزي ترجمان محمد يوسف منگي، خادم حسين مري، زاهد راڄپر، خادم سيال، سهيل احمد راڄپر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهروفيروز: صحافي محمد قاسم اسراڻي جي ياد ۾ ڪرايل تعزيتي ميڙاڪي جو ڏيک

پوليس جو ڪارنامو: 7 سالن جو
نينگر منشيات جي ڪيس ۾
چالان: ساڃاهه وندن پاران مذمت

سڪرنڊ (رپورٽر) پوليس جو ڪارنامو 7 سالن جو معصوم منشيات جي ڪيس ۾ چالان شهر جي اندر سرعام منشيات هلڻ جي ڪري ڪيترين نوجوانن جون زندگيون تباهه ٿيڻ لڳيون سڪرنڊ پوليس اکيون ٻوٽ ستل جڏهن ته شهر جا ڪيترائي منشيات فروش پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات هلائڻ لڳا سڪرنڊ پوليس منشيات فروشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

روهڙي جي علائقي ڪنڊڙي ۽ آس پاس جي رهواسين پاران لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج

12 سالن کان بجليءَ بند هجڻ ڪري ڪنڊرا کان روهڙي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

وزير لاشاري سرمد جاگيراڻي صابر حسين لاشاري غلام محمد خان لاشاري مولائي مظاهرو ڪيو

انتظاميا جي لاپرواهي ۽ سبب اسان جي علائقي ۾ 2012ع کان بجلي بند ٿي وئي هئي: مظاهرين

روهڙي (رپورٽر) روهڙي جي علائقي ڪنڊڙي ۽ آس پاس جي رهواسين 12 سالن کان بجليءَ بند هجڻ ڪري ڪنڊرا کان روهڙي پريس ڪلب تائين پيدل مارچ ڪري روهڙي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ڪنڊرا جي ڪلهوڙي ڪنڊڙي جي رهواسين وزير لاشاري سرمد جاگيراڻي صابر حسن لاشاري غلام محمد خان لاشاري مولائي عبدلقيوم لاشاري ، آڪاش جاگيراڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 19 جون 2023ع

افغان پناهگيرن کي واپس سندن ملڪ موڪليو وڃي

ملڪ ۾ افغان پناهگيرن کي ترسائڻ وارو مدو هلندڙ مهيني جي 30هين تاريخ تي ختم ٿي رهيو آهي پر وفاقي حڪومت انهن کي واپس پنهنجي ملڪ موڪلڻ جي حوالي سان سنجيده ڪوششون ڪندي نظر نٿي اچي، هر سال حڪومت انهن جي رهڻ واري مدي ۾ واڌ ڪري ٿي ڇڏي ۽ اهي پرڏيهي پاڪستان ۾ 'مستقل مهمان' بڻيل آهن. هاڻي ته انهن جي اڪثريت قومي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ورتا آهن ۽ هن ملڪ جا شهري بڻجي ويا آهن. ڏوهن ۾ انهن مان گهڻن جي ملوث هجڻ جون ثابتيون سامهون اچي چڪيون آهن. توڙي جو اهي ملڪي وسيلن تي بار آهن پر وفاقي حڪومت انهن جي واپسي لاءِ تحرڪ وٺڻ لاءِ تيار نه آهي.

جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ قدرتي آفتون اينديون آهن، گهرو ويڙهه شروع ٿيندي آهي، شورش برپا ٿيندي آهي، يا ٻيون خطرناڪ حالتون پيدا ٿينديون آهن ته اتي جي شهرين جو ڪجهه تعداد سر بچائڻ لاءِ ٻين ملڪن ۾ پناهه وٺندو آهي ۽ وري جڏهن حالتون معمول تي اچي وينديون آهن ته انهن جي پنهنجي ملڪ ڏانهن واپسي ٿي ويندي آهي، ٻيو ته پناهگيرن کي رهائڻ جا به اصول آهن. انهن کي ڪئمپن ۾ ترسايو ويندو آهي، انهن جي باقاعدي رجسٽريشن ٿيندي آهي، انهن جي چرپر محدود هوندي آهي. ڪين ڪم ڪار لاءِ ورڪ پرمٽ جاري ٿيندي آهي، اهي شهريت حاصل ڪري نه سگهندا آهن، نه ملڪيت خريد ڪري سگهندا آهن، نه ئي وري انهن کي ان ملڪ جي شهرين جهڙا حق حاصل هوندا آهن. پر هتي ته ڳالهه ئي 'اور' آهي. سوويت يونين جي سهڪار سان افغانستان ۾ روس نواز حڪومت قائم ٿيڻ کانپوءِ اتي آمريڪي ايجنڊا تحت افغان حڪومت خلاف ويڙهه شروع ڪئي وئي، 'وار لارڊز' پيدا ڪيا ويا ۽ هڪ رٿابندي سان افغانين کي پاڪستان ۾ آندو ويو. جن مان تمام ٿورڙا ڪئمپن ۾ رهيا. باقي انهن جو وڏو تعداد وقت بوقت سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچي پهچندو رهيو. اها ڳالهه به هاڻي ڳجهي نه رهي آهي ته انهن مان وڏي تعداد هن ملڪ جا شناختي ڪارڊ ٺهرائي ورتا آهن. پلاٽ خريد ڪيا آهن، ملڪيتون خريد ڪيون آهن ۽ ڪاروبار شروع ڪري هتي مستقل سڪونت اختيار ڪري ورتي آهي. انهن ڪراچيءَ ۾ نيون وسنديون وسايون آهن. جنهنڪري نه صرف هتي جي وسيلن تي بار پيو آهي، پر شهر جي ڊيموگرافي به تبديل ٿي وئي آهي. ايتري قدر جو آباديءَ جو توازن به متاثر ٿيڻ لڳو آهي. هاڻي ته انهن جون ايتريون ته وسنديون قائم ٿي ويون آهن، جو سنڌ جي چونڊيل ايوان ۾ به انهن جو آواز گونجڻ لڳو آهي. ملڪ جا ادارا ڏوهن ۾ افغانين جي ملوث هجڻ، هٿيارن جي وڪري ۽ دهشتگرديءَ جي وارداتن ۾ انهن جي ملوث هجڻ جون رپورٽون ڏيئي چڪا آهن. افغانين جو گهڻو تڻو بار سنڌ تي ئي آهي. هن ملڪ جا واڳ ڌڻي اقوام متحده طرفان پناهگيرن جي نالي تي فنڊ مهيا ٿيڻ سبب هتي افغانين کي مستقل مهمان بڻائي ويٺا آهن. سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچي ۾ افغانين کي وسائڻ ۽ انهن جا شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ ۾ ڪي ڌريون سهڪار ڪنديون رهيون آهن ته جيئن سندن ووٽ بينڪ وڌي. ڪجهه ڪرامتون وري سڪا رائج الوقت ڏيکاريندو رهيو آهي. اڳ ۾ به نادرا عملدارن جي ڪوڙن شناختي ڪاردن جي ناهڻ واري ڪاروبار ۾ ملوث هجڻ جون خبرون آيون هيون ۽ جاچ بعد ڪيترائي عملدار/ملازم قانون جي گرفت ۾ پڻ آيا هئا پر اهو سلسلو بند نه ٿي سگهيو آهي. هن ٻيري اهو ٻڌڻ ۾ پيو اچي ته وفاقي حڪومت افغان پناهگيرن کي واپس افغانستان موڪلڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان ويچاري رهي آهي ۽ اهڙيون خبرون اينديون ئي افغانين جي لڪي وڃڻ/گم ٿيڻ جون پڻ خبرون رپورٽ ٿيون آهن.

سنڌ غيرقانوني طور تي ترسيل ڌارين جو بار پوگي رهي آهي. هڪ اندازي موجب ملڪ ۾ چاليهه لک کان وڌيڪ افغاني، برمي، بهاري، بنگالي ۽ ٻيا غيرقانوني طور تي هتي ترسيل آهن. جن مان گهڻا سنڌ ۾ ۽ خاص طور تي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا، پر حڪومت انهن کي تڙڻ لاءِ تيار ناهي. اسان وفاقي حڪومت کان اها گهر ٿا ڪريون ته افغان پناهگيرن جي پاڪستان ۾ رهڻ واري مدي ۾ واڌ نه ڪئي وڃي ۽ انهن کي واپس پنهنجي وطن موڪليو وڃي. هاڻي ته اتي ڪابه گهرو ويڙهه ڪانهي، حالتون معمول تي اچي ويون آهن ته پوءِ انهن کي مستقل مهمان بڻائي رکڻ جو آخر جواز ئي ڪهڙو آهي؟ جن افغانين هن ملڪ جا قومي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ورتا آهن، اهي رد ڪري کين واپس موڪليو وڃي.

طبقاتي تعليمي نظام معاشري جي لاءِ ناسور

ڊاڪٽر مبارڪ علي\طفيل مگسي

عام طور تي قومون تاريخ کان ڪو به سبق ناهن سکنديون ۽ انهن غلطين جو ورجاءُ ڪنديون آهن جن جي سبب کان ٻيون قومون زوال پذير ٿيون. جيڪڏهن معاشري ۾ زوال جا آثار چٽا نظر اچن ٿا ته رستو اهو آهي ته ان جو ذميوار سموري معاشري کي قرار ڏنو وڃي ٿو ليڪن جيڪڏهن معاشري جي اونهائي جو مطالعو ڪيو وڃي ۽ ان جي زوال جي سببن جو تجزيو ڪيو وڃي ته اها ڳالهه ثابت ٿيندي ته گڏيل طور تي ڪو معاشرو خرابين جو ذميوار ناهي هوندو ڇوته جيڪي خرابيون معاشري کي تباهي ڏانهن وٺي وڃن ٿيون. انهن ۾ به بدعنواني، عدم استحڪام، اقليت جو حڪومت ۽ اقتدار جو محدود هئڻ ۽ اڪثريت جو جو محرومي جو شڪار ٿيڻ خاص سبب آهن جيڪي معاشري جي زوال واري عمل کي نهايت ئي تيز ڪن ٿيون ان ڪري انهن جي سببن جي ذميواري حڪمران اقليتي طبقن تي اچي ٿي ڇوته هڪ پيرو جڏهن اهي طبقا دولت ۽ اقتدار حاصل ڪري وٺن ٿا ته انهن جي خواهش هوندي آهي ته پنهنجي حيثيت کي برقرار رکڻ جي لاءِ اڪثريت جي حقن کي چٿي ڪري انهن کي پنهنجي اثر هيٺ رکن ۽ پاڻ سموري قوت ۽ طاقت جا مالڪ بڻجي وڃن.

هڪ پيرو جڏهن اهي حڪمران طبقا سهوليتون حاصل ڪري وٺن ٿا ته انهن جي اها خواهش ٿي وڃي ٿي ته ڪو ٻيو انهن سان گڏ بلڪل شريڪ نه ٿيئي ان ڪري اهي پاڻ ۾ ۽ عوام ۾ هڪ حد مقرر ڪري پاڻ کي انهن کان الڳ ڪري ڇڏين ٿا ۽ پنهنجي طبقاتي سڃاڻپ پيدا ڪري ٻين طبقن سان سورا لاڳاپا ٽوڙي ڇڏين ٿا. جنهن جو نتيجو اهو ٿيئي ٿو ته اها طبقاتي علحيدگي زندگي جي هر شعبي ۽ پاسي ۾ وڌندي وڃي ٿي. مثلاً انهن جا رهائشي علائقا، انهن جي ٻارڙن جي لاءِ تعليمي ادارا، اسپتالون، راندين جا ڪلب، ثقافتي ادارا ۽ تفريح وارين جڳهيون الڳ الڳ ٿي وڃن ٿيون جتي ٻين طبقن جي ماڻهن کي نه ته اچڻ جي اجازت هوندي آهي ۽ نه ئي اهي مالي طور تي ان جي حقيقي رکن ٿا. معاشري ۾ طبقاتي علحيدگي اتي ئي ختم نٿي ٿيئي بلڪ حڪمران طبقن جي ثقافت، رسم رواج، ادب وآداب ڏڻ ٻولي، لباس ۽ طور طريقا بلڪل مختلف ٿي وڃن ٿا. پنهنجي ان علحيدگي کي ۽ گڏ ٿي پنهنجين سهوليتن ۽ حيثيت کي برقرار رکڻ جي لاءِ اهي پنهنجا قانون ۽ ادارا تخليق ڪن ٿا. جنهن جي مدد سان انهن کي مضبوط ۽ طاقتور ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن جي خلاف هر ڪرشش وجدوجهد کي ختم ڪيو وڃي.

اسان کي تاريخ کان بهرحال اهو سبق ملي ٿو ته اهي حڪمران طبقا پنهنجي دولت، طاقت، اقتدار ۽ سهوليتن کي سدائين قائم نٿا رکي سگهن ڇوته دولت جو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ ۽ سمورين سهوليتن کي ڇڏي ڪري ڪجھ طبقن جي هڪ هٿي ڪرڻ سان معاشري ۾ محروميت جو احساس وڌي وڃي ٿو ۽ اها محروميت ڏوهه، بدعنواني، لاقانونيت، جهالت، بيماري ۽ دباءَ جي شڪل ۾ سموري سوسائٽي کي پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏي ٿي. حڪمران طبقن جهڙي ريت معاشري کي ورهايو آهي. انهيءَ معاشري جي اتحاد، هڪجهڙائپ ۽ ويڳاڻپ کي ختم ڪري نفرت، دشمني ۽ خودغرضي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي.

ان ڪري اهو سوال پيدا ٿو ٿيئي ته هڪ اهڙي معاشري ۾ جيڪو طبقاتي لحاظ کان ٺهيل هجي، جنهن ۾ اتحاد جون نشانيون ختم ٿي چڪيون آهن ۽ جيڪو اندر کان ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿي ريو اهڙي معاشري ۾ اسان صرف تعليم جو سڌارو ڪري سگهون ٿا؟ ظاهر آهي ته ان جو جواب اهوئي آهي ته تعليم، ڪا الڳ شيءِ ناهي ته جنهن کي معاشري کان الڳ ڪري صرف ان جو سڌارو ڪيو وڃي. اها معاشري جو هڪ حصو آهي، ان جو هڪ عضوو آهي. ان ڪري جيستائين معاشري جي مڪمل ڍانچي ۽ ان جي سموري نظام کي تبديل نه ڪيو ويندو ان وقت تائين تعليم ۾ ڪو به سڌارو نه ٿي سگهندو ڇوته هن وقت تعليم پستي جي شڪايت صرف اهي ڪري رهيا آهن ته انهن جي ٻارڙن کي سٺا اسڪول ڪاليج ۽ يونيورسٽيون ميسر ناهن. ليڪن جن طبقن جا ٻارڙا انگلينڊ ۽ امريڪا ۾ پڙهي رهيا آهن انهن جو اهو مسئلو ناهي. اهي تعليم جي پستي جي شڪايت صرف ان وقت ڪن ٿا. جڏهن انهن کي سٺا ڪلارڪ ڪمپيوٽر آپريٽر ۽ اسٽينو گرافر نٿا ملن ته نه تعليم جو زوال ٿيئي. جهالت وڌي ۽ ماڻهن ۾ ان سان گڏ ئي شعور جي ڪوٽ هجي ته اهي انهن حڪمران طبقن جي لاءِ تمام سٺو ۽ بهتر عمل آهي. ڇاڪاڻ ته جاهل ماڻهن تي حڪمراني ڪرڻ ۽ انهن کي دٻائي ڪري ۽ چٿي ڪري رکڻ نهايت ئي آسان هوندو آهي.

اسان جي معاشري ۾ تعليم جو ٻٽو معيار ڪا نئين ڳالهه ناهي، ڇوته ان جو تعلق طبقاتي معاشري سان هوندو آهي. مگران کي وڌيڪ طاقتور بنائڻ ۾ برطانوي اقتدار جو مفاد پڻ هو ليڪن آزادي کانپوءِ به معاشري ۾ ان فرق کي برقرار رکيو ويو ڇوته ان صورت ۾ انهن جي حيثيت مستحڪم رهي، ان ٻٽي معيار کي وڌيڪ ان وقت سگهه ملي جڏهن تعليم کي مڪمل طور تي اسلامي بنائڻ جو فيصلو ٿيو ۽ اها اسلامي تعليم عام اسڪولن ۽ تعليمي ادارن تائين محدود آهي. جڏهن ته حڪمران طبقن جا تعليمي ادارا ان کان محفوظ آهن. ڇاڪاڻ ته انهن ۾ اڪثر انگلينڊ جي تعليمي ادارن سان ڳنڍيل آهن. نصاب پڙهايو وڃي ٿو ان ريت سان اسلام جي نالي تي هڪ پاسي عوام جي سوچ کي محدود ڪيو ريو ته ٻئي پاسي جديد تعليم، سان انهن جو لاڳاپو ختم ڪري انهن کي شڪور واري پراڻي دور ڏانهن پوئتي ڌڪيو ويو ته اهي انگريزي ميڊيم وارن اسڪولن جي ٻارڙن سان مقابلو نه ڪري سگهن.

جيڪڏهن اسان جي حڪمران طبقن ۾ تاريخ کان ڪجھ سکڻ جو ارادو آهي ته هي وقت آهي ته اهي تاريخ کان سبق سکن. ڇوته هڪ پيرو جڏهن معاشري ۾ زوال جو عمل شروع ٿي وڃي ٿو ته ان جي نتيجي ۾ امير ۽ غريب ٻئي تباه ٿين ٿا. ڇوته ڪو به طبقو پاڻ کي ان تباهي کان نٿو بچائي سگهي. معاشري جي تحفظ ۽ بقا جي لاءِ ضروري هوندو آهي ته ماڻهن ۾ مفاهمت ۽ انهن ۾ هڪ جهڙائپ جا جذبا هجن ۽ اهو اتحاد انهيءَ وقت قائم ٿي سگهي ٿو جڏهن ته معاشري جي هر طبقي ۽ فرد کي هڪ جهڙا موقعا ملن ۽ سهوليتن ۾ ٻٽي معيار کي هر سطح ۽ هر جڳهه کان ختم ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

تعليم جيڪا هڪ مهذب معاشري جي نهايت ئي اهم حصو هوندي آهي. ۽ جڏهن تعليم جو نصاب ناهيو ويندو آهي ته ان وقت معاشري ۾ جيڪي به سياسي ۽ معاشي مسئلا هوندا آهن انهن جي پيٽ سان انهن کي ترتيب ڏنو ويندو آهي. ته جيئن اها معاشري جي گهرجن کي پورو ڪري سگهي. ان سان گڏ ئي اهو به ڏٺو ويندو آهي ته عالمي صورتحال ڪيئن آهي؟ سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي ترقي جو رخ ڪنهن پاسي آهي؟ ته جيئن ان جي روشني ۾ اسان ڪهڙي ريت سان پنهنجي معاشري جي مفادن جو ڪري سگهون ٿا. ترقي جي رفتار جيڪا ٻين معاشرن ۾ آهي. جيڪڏهن ان جو ساٿ نه ڏنو ويو ته يقينن اسان جو معاشرو پوئتي رهجي ويندو ۽ ترقي جي رفتار جو ساٿ انهيءَ وقت ڏئي سگهجي ٿو جيستائين نه تعليم کي زماني جي تبديلين سان گڏ تبديل ڪيو وڃي. جيڪڏهن پنهنجي قوميت، ضرورتن ۽ عالمي لاڙن کي نظرانداز ڪيو ويو ۽ ان کان هٽي ڪري الڳ تعليم جو نظام جوڙيو ويو ته ان صورت ۾ اهو ناممڪن ٿيندو ته اسان جديد چيلينجن جو سامهون ڪري سگهون. ۽ اهڙا ذهن پيدا ڪري سگهون جيڪي وڌندڙ ذڪيائين کي سمجهڻ جي لاءِ لائق هجن.

خاص طور تي ٽين دنيا جي ملڪن جي لاءِ تعليم جي اهميت وڌيڪ وڌي وڃي ٿي ته انهن کي نه صرف پاڻ کي بيلنڪيٽي اثرن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي بلڪ سامراج جي نئين شڪل سان مقابلو به ڪرڻو آهي. جيڪو انهن کي معاشي ۽ ثقافتي طور تي غلام بنائڻ چاهي ٿو ۽ گڏ ئي پنهنجن وسيلن کي به حاصل ڪرڻو آهي. ان کي ضرورت آهي ته تعليم جي اهڙن خطن تي وڌو وڃي جيڪو انهن سمورين ضرورتن کي پورو ڪري.

ان سلسلي ۾ يورپ جي ملڪن ۽ امريڪا ۽ روس جو مثال ڏئي سگهجي ٿو. جيڪي پنهنجي تعليمي نظام کي مسلسل ضرورتن جي تحت بدلائيندا رهن ٿا ۽ ان مقصد جي لاءِ مقرر وقت تي تعليم جو جائزو ورتو وڃي ٿو نصاب کي ڏٺو وڃي ٿو ۽ ان کي وقت ۽ ضرورتن جي تحت بدلايو وڃي ٿو سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي ترقي جي سبب کان اهو هينئر اجا به ضروري ٿي ويو آهي ته نصاب کي بار بار تبديل ڪيو وڃي ۽ جيڪا به نئين تحقيق ٿيئي ان کي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي. انهيءَ لاءِ يورپ، امريڪا ۽ روس نه صرف سائنسي بلڪ سماجي علمن ۾ ٽين دنيا جي ملڪن کان تمام گهڻو اڳتي آهن.

ٽين دنيا جي ملڪن ۽ خاص طور کان پاڪستان جو الميو اهو آهي ته هتي تعليم جهڙي شعوري شعبي کي ڄاڻي واڻي نظرانداز ڪيو ويو آهي ۽ ان قسم جي ڪا ڪوشش نه ڪئي وئي ته هتي عوام کي ذهني ۽ معاشري کان جهالت جو خاتمو ڪيو وڃي. ليڪن بدقسمتي سان پاڪستان انهن ڪجھ ملڪن منجهان هڪ آهي ٻتي تعليم جي شرح وڌڻ جي بجاءِ ڏينهون ڏينهن گهٽ ٿي رهي آهي. اسان وٽ ڪڏهن به ان قسم جون ڪوششون نه ڪيون ويون ته تعليم کي معاشري جي ضرورتن جي تحت جوڙيو وڃي. ڇوته جيڪڏهن تعليمڪي معاشري جي علمي مقصدن جي لاءِ استعمال نه ڪيو وڃي ته اهڙو تعليمي نظام پنهنجو موت پاڻ مري وڃي ٿو.

برطانوي دور ۾ اسان جي معاشري ۾ جيڪو تعليمي نظام نافذ هو. جنهن کي ٻي جنگ عظيم کانپوءِ ان لاءِ ختم ڪيو ٿي ويو ته ان جنگ کانپوءِ تبديل ٿيندڙ معاشري جي ضرورتن جي لاءِ ڪجھ نه هو. ان کانپوءِ هندستان ۾ جيڪو نئون شعور پيدا ٿيو ان تعليمي نظام جي اهميت کي ختم ڪري ڇڏيو ڇوته اهو تعليمي نظام پٽيوالا پيدا ڪرڻ جي اهليت رکندو هو.

ليڪن الميو اهو آهي ته ان جي زوال کانپوءِ ان جي جاءِ تي ڪو تعليمي نظام نه جوڙيو ويو ۽ اسان ان قابل به نه رهياسين ته گهٽ ۾ گهٽ پڙهيل لکيل پٽيوالا ئي پيدا ڪري سگهون ۽ انهيءَ سبب کان حڪمران طبقن کي تعليمي نظام جي پستي جو خيال آيو ۽ ناممڪن سڌارن جي وسيلي انهيءَ کي بهتر بنائڻ جو عمل شروع ٿيو ليڪن سڌارن جي انهن ڪوششن جي سبب کان نه صرف تعليمي نظام وڌيڪ بگڙيو بلڪ ان سموري معاشري کي متاثر ڪيو ۽ خرابيون ۽ بدعنوانيون معاشري جي هر پاسي تيزي سان نروار ٿيڻ شروع ٿيون يا ٿي ويون.

1977ع کانپوءِ تعليم ۾ اسلام ۽ پاڪستانجي باري ۾ جيڪو مواد شامل ڪيو ويو ان جي شروعات نرسري جماعتن کان شروع ٿي وڃي ٿي ۽ اهائي معلومات يونيورسٽي ۽ پروفيشنل ڪاليجن ۾ انهن کي بار بار ڏني وڃي ٿي. شروعاتي ڪلاسن ۾ ان جو اثر اهو ٿيو ته شاگردن جو پڙهائي کان روح ئي ڪڇي ريو ڇوته گهٽ عمر شاگرد پنهنجي ذهني ترقي ۽ ارتقا سان گڏو گڏ اهڙيون شيون پڙهڻ چاهيندا هئا. جن سان انهن کي دلچسپي هئي. ٻارڙا شروعاتي دور ۾ فطرت کان متاثر ٿيندا آهن. اهي گلن وڻن ۽ جانورن جي باري ۾ ڄاڻ رکڻ چاهيندا آهن ۽ جيئن جيئن اهي پڙهن ٿا ۽ پنهنجي ماحول کي ڏسن ٿا. اهي ان جي باري ۾ وڌ کان وڌ معلومات حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. انهيءَ لاءِ جيڪي هن فطرت ۽ ماحول کان هٽي ڪري انهن ڳالهيون پڙهايون وڃن ته ان ۾ انهن جي دلچسپي ختم ٿيندي ويندي. خاص طور تي نرسري جا ٻارڙا جن جي عمر چار سال هوندي آهي. انهن کي اهي خشڪ ڳالهيون پڙهايون وينديون ته تعليم کان انهن جي دلچسپي جو خاتمو ٿيڻ ضروري آهي.

هڪ ڳالهه جيڪا ذڪر جي قابل آهي اها هيءَ آهي ته جڏهن به حڪومت جي طرف کان تعليمي نظام جو سڌارو ڪيو ويو ته نه استادن کان مشورو ورتو ويو ۽ نه ٿياتهن کي اعتماد ۾ ورتو ويو بلڪ سڌارن جو پروگرام اعلي آفيسرن انجام ڏنو جيڪي ان کي پنهنجي ذميواري ۽ سهوليتون سمجهندا هئا. ته معاشري جي هر پاسي ۾ انهن جو عمل دخل هجي. ان ڪري ايوب خان جي زماني کان وٺي ڪري هينئر تائين جيترا تعليمي سڌارا ٿيا آهن انهيءَ جي نتيجي ۾ رهيل سهيل تعليمي نظام به ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿي ويو. ان جو سبب اهو آهي ته تعليم جو سڌارو روڪڻ وارن جو تعلق جنهن طبقي سان هو ان جون ٻارڙن ملڪ جي عوام. ڪان ڪنٽيل هيون ان لاءِ اهي عوامي ضرورتن ۽ عوامي مفادن کي سمجهي ئي نٿي سگهيا هئا. ان لاءِ انهن جو جوڙيل تعليمي نظام اسان جي سوسائٽي جي ضرورتن کي پورو نه ڪري سگهيو ۽ نئين نصاب جي تياري ۾ جيڪا گهڻي رقم خرچ ٿي ۽ جيڪي ڪوششون ڪيون ويون آهي ڪنهن نتيجي جي بنا ختم ٿي ويون.

تعليم جي زوال جي سببن ۾ هڪ اهم سبب اهو به آهي ته اسان جو تعليمي نظام عوامي اميدن جي عڪاسي نٿو ڪري. ان ۾ نه ته بنيادي حقن جو تصور آهي ۽ نه ئي جمهوري روايتن جي واڌاري جي ڪا گنجائش آهي. ان ڪري رد عمل جي طور تي شروعات ۾ اسان جي تعليمي ادارن ۾ آمرانئي طرز حڪومت ۽ مطلق العنان ادارن جي خلاف شاگرد تحريڪون هلايون ته جيئن عوامي دٻاءَ کي جوڙي ڪري جمهوريت جو رستو کڏي سگهجي. انهن تحريڪن کان خوفزده ٿي ڪري حڪمران طبقن هوريان هوريان تعليمي ادارن ۾ اهڙا قدم. کنيا ته شاگردن ۾ بدعنواني ۽ تعليم کان ڏوري وڌندي رهي. شاگرد يونين تي پابندي پئي. ثقافتي ۽ ڪلچر پروگرام هڪ هڪ ڪري بند ڪيا ويا. بحثن جي موضوعن تي پابندي مڙهي وئي. سياست کي تعليمي ادارن مان روڪيو ويو. شاگردن کي رشوتون ڏئي ڪري پنهنجن مقصدن جي لاءِ استعمال ڪيو ان جو نتيجو اهو نڪتو ته شاگرد مختلف گروپن ۽ پارٽين ۾ ورهائجي ويا ۽ هڪ پاسي اهي سياستدانن جي هٿان هٿيار جي طور تي استعمال ٿيا ته ٻي پاسي حڪومت جي ادارن انهن کي مڪمل بدعنوان بڻايو ۽ هوريان هوريان شاگردن جي پاڪيزگي، ايمانداري، همت ۽ بهادري کي ڪسي ڪري انهن جو هڪ اهڙو تصور بڻايو ته جنهن ۾ شاگرد ڦورو، بدمعاش ۽ غير مهذب بڻجي ڪري ابريو ۽ ان سان گڏ شاگرد ۽ عوام ۾ نفرت جو ٻج ڇٽيو ويو. شاگردن ۽ استادن ۾ جيڪو محبت جو رشتو قائم هو ختم ٿي ويو ۽ شاگردن کان عوام جو اعتماد کڄي وڃڻ کانپوءِ انهن جي لاءِ اهو ناممڪن ٿي ويو ته اهي ذهني ۽ فڪري تحريڪون ختم ٿي ويون جمهوريت، آزادي ۽ حقن جو ڳالهيون عقل وفهم کان ڏور ٿي ويون. شاگردن ۾ ڪي اهڙيون صلاحيتون باقي نه بچيون ته اهي جمهوريت ۽ بنيادي حقن جي لاءِ تحريڪ هلائي سگهن. ڪنهن وڃايو ۽ ڪنهن حاصل ڪيو؟ اهو هڪ سوال آهي. جنهن جو جواب ڳولڻ جي اسان کي سخت ضرورت آهي.

ٻيو ان جو نقصان اهو آهي ته اسان ٻارڙن کي ٻي اهم. معلومات جنهن جو تعلق عملي زندگي سان آهي اهو نٿا پڙهايون ۽ نه ئي عالمي صورتحال کي ذهن ۾ رکندي دنيا ۾ جيڪو ڪجھ ٿيو آهي ۽ ٿي رهيو آهي ان جي باري ۾ ڪجھ ٻڌائڻ ٿا چاهيون. جيتوڻيڪ ان جا به نتيجا اسان جي سامهون اچي رهيا آهن هڪ اهو ته هڪ اهڙو نسل تيار ٿي رهيو آهي جنهن کي پنهنجي آس پاس ۽ دنياجي باري ۾ ڪا به پروڙ ناهي مثلاً ان کي انهيءَ جي ته ڄاڻ هوندي آهي ته قاعداعظم کي ڪهڙو گل پسند هو؟ مگر هن کي اها خبر ناهي ته اسپين جي گادي جو هنڌ ڪهڙو آهي؟ ۽ اهو ته اسپين ڇا آهي ۽ ٻيو اهو ته ان تعليمي نظام انهن کي تنگ نظر، فرقہ پرست ۽ بنياد پرست بڻائي ڇڏيو آهي. ڇوته انهن کي ٻي معلومات ڏني ٿي نه وئي. ان لاءِ انهن جي ذهن جي ترقي کي محدود تعليم جي وسيلي روڪيو ويو آهي.

